# (۵)

# چوٽ

ڪڏهين ڪڏهين بلڪل ننڍڙا واقعا زندگيءَ کي هڪ موڙ ئي نئون ڏيو ڇڏين. ائين تہ منهنجي زندگي انيڪ واقعن سان ڀريل آهي، حيرت انگيز ۽ دردانگيز واقعا، الاهي منهنجي جيوت ۾ ٿي گذريا آهن. ڇو تہ منهنجي جيوت هميشه جل جي اُن ڦڙي جيان گذري آهي جو هميشه وهڪ ۾ ئي رهيو آهي، ڪئين آستان ڏٺا اٿس. ليڪن ڪلهوڪي واقعي ڄڻ اُن پاڻيءَ جي ڦڙي کي ٻرندڙ تئي تي ڪٽي اُڇليو آهي. پانيان پيو زندگيءَ ۾ الاهي سڀ ڀرجي ويئي آهي. الاهي آزمودا، الاهي ڌن دولت، سڀ ڄڻ ڪجهه ڪينهن. اندر وينو ڪوئي لوڇ مچائي، ”زندگي ان لاءِ ناهي، ان لاءِ ناهي!“ نانهن جو احساس سرير جي هر انگ ۾ ڀرجي ويو آهي. هردي اندر ڪوئي احساس ايترو تہ ڦوڪجي پيو آهي، جو شايد ڇاتي ڦاڙي ٻاهر نڪري اچي. هڪڙي رواجي سچ اندر ۾ ايڏي آسيم روشني ڦهلائي ڇڏي آهي. جو سمجهان پيو، هڪ تيز تکي بلب هيٺان دنيا جو گولو پيو ڦري ۽ دنيا جا ماڻهو گهر گهليون سڀ هڪ نئين قسم جي سونهن پيا جتائين. ليڪن

روشني ايتري تيز آهي جو انکي روشني مچيان يا اوندهہ، اهو فيصلو ڪريئي نٿو سگهان. شايد پاڻيءَ جو ڦڙو جو گرم تئي تي پيو آهي، سو جيستائين وجود وڃائي آڪاس ۾ نہ پهتو آهي، تيسين ائين ڦنڪندوئي رهندو ..... ڪاش ڪا سپ مونکي جهڙي وٺي ۽ اڄ جو وجود پاتو اتم سو پاڻيءَ مان بدلجي پيو ڪجهہ ٿي پوي ... موتي، ها موتي ٿي پوي.

ليڪن واقعو رواجي آهي، بلڪل رواجي. ۽ اُنجي نائڪا بہ فقط هڪ ڇوڪري آهي، جنهن کي اڳينءَ مسافريءَ تان لهڻ وقت تہ گر سنگهر ڇوڪري ئي سمجهيو هوم. پر هن مسافريءَ تان لهڻ تي ...

ڪلهوڪي ڳالهہ آهي، جهاز مان لٿس تہ بنا هڏائي بنا ڇتائي وڃي چاچي روپي ماءُ جي گهر وارد ٿيس. چاچيءَ گهر پئي سهيڙيو. مونکي ڏسي واڻڙي ٿي ويئي. ”نندڙا“ ڇئي جو خوشيءَ ۾ ڦولجي پيئي تہ اصل ڏهہ سال ننڍي پئي لڳي. پر جان ئي روپي جو پڇيو مانس تائين منهن جو پنو لهي ويس، ڏکندي چيائين، ”اندر وينو نئنيءَ جي چاڪري ڪري.“ ايتري ۾ روپو بہ ڪنهن ڪم سان پنهنجي ڪمري کان ٻاهر نڪتو. مونکي ڏسي وٺي نئنيءَ کي سڏ ڪيائين. ”نئني ٻاهر تہ ڏس اچي ڪير آيو آهي.“ نئني بيمارن جيان هلندي ٻاهر آئي. سندس پيلي مکڙي تي چمڪندڙ ماڪ جيان ڦهليل مرڪ مونکي ڏاڍي وڻي. چاچيءَ چيو، ”ويا هئا پڪچر ڏسڻ. ڇوڪر کي پڪچر ڪيئن آئڙي، سو اڌ ۾ ئي ٽئڪسي ڪري واپس وٺي هليو آيو آٿس.“

”اصل ۾ پڪچر هئي تمام ڏک جي.“ روپي ذرا لڄي

ويهي اچي توکي شراب پياريندي ........''

مون شيشي جي گلاس مان پاڻيءَ جو ڍڪ پريو. نئنيءَ کي چپ چاپ پاڻ ڏانهن نهاريندو ڏسي مونکي خبر ناهي ڪيڏو اتساهه مليو. چيم، ''نئني، روپي ۾ ڪر ڪونهي نه ته گهٽ ۾ گهٽ فرانس جو ته هڪ پيرو ضرور چڪر هڻائي اچيئي. اُتي جي شئمپين ريس به ڇا ته مزي واري آهي.''

''ڪهڙي ڊوڙ پائيندا آهن شئمپين ريس ۾،'' چاچيءَ مرڪي سوال ڪيو.

''اڙي يائي ڇا پڌايانوَ. پئسي وارا توهين آهيو، پر پئسو ڇا جي لاءِ آهي اها خبر ڪين اٿو. روپي ته عمر ئي اجائي وڃائي آهي.'' مون روپي جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ چيو، جو الاجي ڪهڙي خواب ۾ گم ٿيل پئي ڏٺو. هو اکيون ڦاري مونکي ڏسڻ لڳو. چاچي، امان ۽ نئنيءَ جو ڌيان ته اڳيئي مونڏانهن هو. مون کلي چيو، ''سنگمرمر جو تلاءُ سڄو شئمپين شراب سان پريندا آهن. جيڪا فرانس جي سهڻي ۾ سهڻي ڇوڪري هوندي، اصلي فرسٽ ڪلاس بيوٽي، اُنکي اُگهاڙو ئي اُگهاڙو اُن ۾ سنان ڪرائيندا ۽ ..... اُنکانپوءِ سڀ حاضرين ان تلاءُ مان شراب جا گلاس پري پيئندا آهن......''

اوچتو پٽ تي پاڻيءَ جي گرڙين جو ٺڪاءُ ٿيو. نئنيءَ اُلٽي ڪري وڌي. سندس سر چڪر کائي رهيو هو. روپو نه جهليس ها ته شايد هڪ ڪن ۾ ئي بيهوش ٿي ڪري پوي ها. روپو کيس ٻئي ڪمري ڏانهن وٺي ويو. چاچيءَ مٿي تي هٿ رکي چيو، ''روڳڻاٽ آهي ڪا.''

اَما نوڪر کي سڏي چيو، ''اَچي اُلٽي ميڙي وڃ.'' ۽

مان ... مان ڇڻ ڪنهن ٻهر ڦاٽڻ تي ڇپ ٿي ويو هوس. ٿوري دير ڪانپوءِ نئنيءَ کي ڏسڻ لاءِ روپي جي ڪمري ڏانهن ويس. نئني وهاڻي تي ڪنڌ رکي ليٽي پيئي هئي. مونکي ڏسي منهن اهڙو ڪٽي ڪيائين ڇڻ سندس زبان ۾ ڪنهن ڪوڙي چيز جو ذائقو اچي ويو هو. مان تڏهين ٻه همت رکي اڳيان وڌيس. روپي پاڻ اٿي مونکي ڪرسيءَ تي وهڻ جو اشارو ڪيو.

مون نئنيءَ جي ويجهو جهڪي چيو، ”تنهنجي طبيعت ڏاڍي نازڪ آهي.....!“ هن روئٽهارڪو منهن ڪري چيو، ”توهين پرشناچار جون ڳالهيون ڪندا ته اُلٽي نه ايندي ؟“ ۽ يڪا يڪ منهن ٻئي پاسي ڪري ڇڏيائين.

ڪائي حسينا ان طرح منهن ڦيري ڇڏي ! ڇا انڪان وڌيڪ ٻه ڪا چوٽ ٿيندي آهي !!

ڪيڏي مهل نئنيءَ جي ڪمري مان نڪري آيس. ڪيڏي مهل چاچيءَ بسترو وڇائي ڏنو ۽ ڪيڏي مهل هي سگريٽن جو ڍڳ سڙي رک ٿي ويو، سڀ ڪجهه خواب پيو لڳي..... ڇا سچ پچ ٿي زندگي پرشناچار ۾ گذري آهي ! ۽ هن سڄي رات جي سورن پري لوچ مان اندر ۾ هڪ ڪهڙو چيو پيدا ٿيو آهي جو گهڙيءَ گهڙيءَ ويلو چوي، ”زندگي گند جو ڪينئون ٿيڻ لاءِ نه ملي آهي، شيوڪ !“

تڏهين هي گل گل جو واس، هيءَ ڪلي ڪليءَ جي خوشبوءِ، جا مون پنهنجي جيءَ ۾ گهولي ڇڏي آهي، سا ڇا ڪجهه ڪينهي !! تڏهن ڇا ڪن مجبور قيدين جو خون ئي عطر سمجهي جيءَ تي مکيندو رهيو آهيان .....

(نئين دنيا ١٩٥٨)